## Badshah ain Koriaro
## Lyrics in English

Leṭī laal palang te kanhin mulk je shaah,
Oriyo pai andar mein kajeh kaa salaah,
Raiyat pin raazi thiye harko chaye waah,
Kaanh sujhis kaa raah, tanh lae muṛs mogo thiyo.

Mogo thi hee vehi rahyo, waaee na aane vaat,
Sij lahi saanjhi thi, mathaan peyi raat,
Heeu panhinje andar saan ore ehai baat,
Mathaan thi parbhaat, jyaoo sij pin jyaam te.

Sij jyaoo thiyo sojhiro, palang na chhaddyaeen,
Ganti inhiya galh'a ji peyi pal pal kayaeen,
Kirando keh mehl koriaro pat te dithaeen,
Koriaro utaheen poi churi chaṛhiyo deewaar te.

Koriaro kaahe halyo, chaṛhyo mathe deewaar,
Kiri payo pat te, moti so tanhin waar,
Himmat na haari te zari, koshish kayaeen beehaar,
Albat hath ba chaar, chaṛhi so mathe thyo.

Chaṛhi so mathe thyo, wari kiryo pat,
Ute unhin shaah khe khil chhuṛi jhat pat,
Chaye vechaari wadhan saan kaanh kayi kaa ghat,
Takar jehi vat, so mor na pahunchi maagh te.

Chhah bhera hee kiryo, sambhriyo sateen vaar,
Ke Dheere ke takiro, chaṛhi pyo deewaar,
Pare pandhiro naahe ke baaki hath ba chaar,
Pahuto jadhen paar, Shaahu sharmindo thyo. 2

## بادشاهہ ۽ ڪوريئڙو
## Lyrics in Sindhi

ليٽي لال پَلنگَ تي ڪنهن مُلِڪَ جي شاهَہ،
اورِيو پِئي اندَر ۾ ڪَجي ڪا صَلاحَ،
رَعيَتَ پڻُ راضي ٿِئي هَرِڪو چَوي واهہ،
ڪانهَ سُجِهيس ڪا راهَہ، تنهن لاءِ مُڙُسُ موڳو ٿِيو

موڳو ٿي ويهي رَهيو، وائي نَہ آڻي واتِ ،
سِجُ لَهي سانجهي ٿِي مٿان پيئي راتِ
هيءُ پنهنجي اندر سان اوري اِهائي باتِ
مٿان ٿي پِرڀاتِ ، ڄائو سِجُ پڻُ ڄامَ تي.

سِجُ ڄائو ٿِيو سوجهِرو، پَلَنگ نہ ڇَڏيائِين،
ڳِڻتي اِنهيءَ ڳالهِ جي پِئي پَلِ پَلِ ڪَيائِين،
ڪِرَندو ڪَنهن مَهِلَ ڪوريئڙو پَٽَ تي ڏِٺائِين،
ڪوريئڙو اُتاهِين پوءِ چُري چَڙهِيو ديوار تي.

ڪوڙيئڙو ڪاهي هَليوچَڙهِيو مَٿي دِيوارِ،
ڪِري پَيڙو پَٽَ تي موٽِي سو تنهن وار،
هِمَتَ نہ هارِي ذرِي ڪوشِش ڪيائين ٻِهار،
اَلبتِ هَٿَ ٻَہ چارِ، چَڙهِي سو مٿي ٿِيو.

چَڙهِي سو مٿي ٿيو ، ورِي ڪريو پَٽِ
اِتي اِنهيءَ شاهہ کي کِل ڇُڙي جهٽِ پَٽِ،
چي ويچاري وَڏَڻَ سان ڪانہَ ڪئي ڪا گهَٽِ
ٽَڪَرِ جنهِين وَٽِ، سو مورُ ن پَهُچي ماڳَ تي.

ڇَهَ ڀيرا هي ڪِريو سَنڀِريو ستِينءَ وارِ،
ڪي ڌيري ڪي ٽَڪِڙو چَڙهي پِيو دِيوارِ
پري پنڌِرو ناهِ ڪي باقِي هَٿَ ٻَہ چارِ،
پَهُتو جَڏهِن پارِ شاهُ شَرِمندو ٿِيو.2

زنده سا قوم رهندي، جنهنجي زبان زنده
12B/2 Jethi bhen Soc., Mahim, Mumbai 400016, India +91 9821473200, 9769313331 +97150 4506739
www.SindhiSangat.com, www.SindhiSangat.tv www.SindhiSaathi.org ,info@SindhiSangat.com